# قَيامت جون نِشانيون

28-Novmber-2024



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

28 نومبر 2024ء (متوقع اسلامي تاريخ: 25 جمادي الاول 1446ھ) تي
پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قَيامت جون نِشانيون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... حبشي غلام ۽ آخرت جو فڪر
- ✿... قيامت جو علم پوشيده ڇو رکيو ويو
- ✿... هڪ سِڪي جو ڪمال
- ✿... ماءُ پيءُ کي ستائڻ حرام آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دروِد پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار قسط: 2، صفحو: 11، حديثِ پاڪ نمبر 11 آهي:

فرمانِ آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ اَوْ سَاَلَ لِيَ الْوَسِيْلَةَ حَقَّتْ عَلَيْهِ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ترجمو: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيو يا الله پاڪ جي بارگاهه ۾ منهنجي لاءِ وسيلي جي دعا ڪئي، قيامت جي ڏينهن ان تي منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي.[1]

خاص محبوب خدا ختمِ رسالت پر سلام عينِ رحمت شافعِ روزِ قيامت پر سلام

عرض کیجے کافیؔ مشتاق ہر لیل و نہار صاحبِ لولاک سلطانِ شفاعت پر سلام[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... فضل الصلاۃ علی النبی للقاضی اسماعیل بن اسحاق الازدی، صفحہ:147، حدیث:50۔

[2]... کافی کی نعت، صفحہ:42۔

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديث پاڪ ۾ آهي: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه مومن جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

اي عاشقان رسول! سنيون سنيون نيتون ڪرڻ سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو تہ ! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، نيت ڪيو! ❁رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ❁ باادب ٿي ويهندس ❁ نهايت توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

پيارا اسلامي ڀائر! هجري ڪيليندر جي مطابق پنجون اسلامي مهينو جمادي الاولي هلي رهيو آهي،17 جمادي الاولٰي تي امام ابن امام ، عالم ابن عالم، مفتي ابن مفتي، ولي ابن ولي يعني شهزاده اعلي حضرت،جانشين اعلي حضرت شاه حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عرس مبارڪ ٿيندو آهي ۽ 19 جمادي الاولٰي تي پنهنجي وقت جي وڏي امام، عظيم محدث، مفسر، عالم، قاري، مفتي، وڏي عاشق رسول، ولي ڪامل امام عبدالرحمان جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو عرس مبارڪ ٿيندو آهي.

## يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ؕ

آيت: ترجمو ڪنزُالعرفان: اوهان کان قيامت جي باري ۾ سوال ڪن ٿا تہ ان جي قائم ٿيڻ جو وقت ڪڏهن آهي؟ (سيپارو: 9، سورة اعراف: 187)

[1] معجم ڪبير، جلد:3، صفحہ:525، حديث:5809۔

هن سوال جو جواب الله پاڪ چا ڏنو، پڙهو!

لَا تَاْتِیْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً

آيت: ترجموڪنزُالعرفان: توهان تي اها اوچتو ئي ايندي.

(سيپارو: 9، سورة اعراف: 187)

معلوم ٿيو: قيامت ڪڏهن ايندي؟ قيامت اوچتو ايندي، ان گهڙيءَ ايندي جو ماڻهن کي وهم ۾ گمان به نه هوندو.

## قيامت اچڻ جو هولناڪ منظر

اڄڪلهه سائنس ترقي ڪئي آهي ❁ عام طور تي ڪيئي شين جي پيشن گوئي ڪئي ويندي آهي ❁ محڪمه موسميات ٻڌائيندو آهي ته فلاڻي وقت مينهن اچڻ جا امڪانات آهن ❁ فلاڻي فلاڻي ڏينهن طوفان اچي سگهن ٿا ❁ فلاڻي ڏينهن سامونڊي طوفان ايندو ❁ فلاڻي ڏينهن فلاڻي وقت سج گرهڻ ٿيندو. پر عنقريب ڪائنات جو سڀ کان وڏو حادثو پيش اچڻ وارو آهي ❁ ڪا سائنس ❁ ڪا ٽيڪنالوجي ❁ ريڊار ❁ سٽيلائٽ وغيره وغيره ڪابه شيءِ هن حادثي جو اڳواٽ اشارو نه ڏيندي، ❁ ماڻهن جي وهم ۽ گُمان ۾ به نه هوندو جو ❁ اوچتو بلڪل اوچتو سج ۽ چنڊ بي نور ٿي ويندا ❁ تارا مينهن جيان زمين تي ڪِرڻ لڳندا ❁ وڏا وڏا سيارا پاڻ ۾ ٽڪرائجي تباهه ٿي ويندا ❁ ۽ زمين شديد ترين زلزلي سان ڏُبي پوندي.

**حديثِ پاڪ ۾ آهي:** 2 ماڻهو بازار ۾ هوندا، هڪ ڪپڙو خريد ڪري رهيو هوندو، ٻيو وڪڻي رهيو هوندو، دڪاندار ڪپڙو کولي ڪري ڏيکاري رهيو هوندو، اجان هي سودو ڪري نه سگهندا، ڪپڙي کي واپس ويڙهي نه سگهندا ته قيامت اچي ويندي. وڌيڪ ارشاد ٿيو: هڪ ماڻهو ويهي ڪاڏو ڪائي رهيو هوندو،

اهو گِرهه پيچندو، اجان وات تائين نہ ڪٽي ويندو تہ اوتري ۾ اوچتو قيامت قائم ٿي ويندي. (خازن) يعني قيامت ايترو جلدي ايندي، پهريان ڪان ڪا پيشن گوئي نہ ٿيندي، ڪو اشارو نہ هوندو، ماڻهو قيامت ڪان بي فڪر، دنيا جي لذتن ۾ مست هوندا تہ هڪڙي سيڪنڊ ۾ هي عظيم ۽ خوفناڪ حادثو ٿيندو ۽ قيامت قائم ٿي ويندي.

## قيامت جي هڪ بنيادي نشاني

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان معلوم ٿيو تہ قيامت اچڻ جي هڪ بنيادي نشاني غفلت آهي، قيامت ان وقت ايندي، جڏهن ماڻهو ان ڪان بلڪل غافل هوندا، پنهنجي دنيا ۾ مصروف، دنياوي لذتن ۾ مگن ۽ خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن ڪمن ۾ مصروف هوندا، قيامت ڏانهن ڪنهن جي توجهه ئي نہ هوندي، ان وقت قيامت اچي ويندي.

هاءِ! افسوس! اڄ جيڪڏهن اسان غور ڪيون تہ قيامت جي هيءَ نشاني ڪافي حد تائين پوري ٿيندي نظر اچي رهي آهي، هاءِ افسوس! هاڻي قبر ۽ آخرت ۽ قيامت ڪان غفلت نهايت عام آهي، هاڻي اسان دنيا ۾ ائين رهندا آهيون، ڄڻ اسان ڪي ڪڏهن مرڻو ئي ناهي، هتان ڪان وڃڻو ئي ناهي، قيامت اچڻي آهي، ضرور اچڻي آهي، اچي ڪري ئي رهندي، اسان سڀئي هي ڄاڻون بہ ٿا، مڃيون بہ ٿا، ان جي باوجود غفلت ڇانيل آهي، صبح اٿڻ ڪان وٺي ڪري رات سمهڻ تائين بس دنيا، دنيا ۽ دنيا جو ئي فڪر آهي، قيامت جي متعلق تہ خيالَ بہ ناهن ايندا، ائين سڄو ڏينهن راند روند ۾ گذاري ڪري غفلت جي ننڊ سمهي رهندا آهيون. اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا:

دن لَہْوْ میں کھونا تجھے، شب صبح تک سونا تجھے | شرمِ نبی، خوفِ خدا، یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں[1]

[1]…حدائق بخشش، صفحہ:111۔

**وضاحت:** ڏينهن فضوليات ۾ گذريو، سڄي رات غفلت جي ننڊ سُتا رهياسين، نه ڏينهن جو خُدا جي ياد، نه رات جو عبادت جو وقت...!! نه شرمِ نبي، نه خوفِ خُدا، هيءُ به نه، هو به نه.

## مون کي ننڊ ڪيئن اچي سگهي ٿي؟

سيد احمد حَرّب رحمۃ اللہ علیہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها هئا، پاڻ سڄي رات جاڳندا رهندا هئا، عبادت ڪندا رهندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اصرار ڪندا، يعني باربار چوندا هئا ته سمهي رهو! گهڙي ڪن آرام ڪري وٺو، پاڻ فرمائيندا هئا: جنهن جي لاءِ جهنم ٺهڪايو وڃي رهيو هجي، جنت سجائي وڃي رهي هجي پر اهو نه ڄاڻيندو هجي ته ان جو نڪاڻو ڪٿي آهي؟ جهنم ۾ وڃڻو آهي، يا جنّت ۾ نڪاڻو آهي؟ ڀلا ان کي ڪيئن ننڊ اچي سگهي ٿي...؟ (تذکرۃ الاولیاء، ج۱، ص۲۲۰)

الله! الله! هي هئا قيامت کي ياد رکڻ وارا ماڻهو...!! انهن جي سوچ ڪهڙي هئي، ذهن ڪهڙو هو؟ هر وقت انهن جي دل ۽ دماغ تي قيامت جون هولناڪيون ۽ ميدانِ محشر جي دهشت ڇانيل رهندي هئي، قيامت جي خوف کان راتين جي ننڊ به نه ايندي هئي...!! هاڻي اسان جو ڇا حال آهي؟ ڪڏهن ڪو ڏيڄاريندڙ خواب ڏسون، قيامت جي تذڪري جي باري ۾ بيان ٻڌي وٺون، تڏهن وڃين قيامت ياد اچي ته اچي، نه ته بَس دنيا جي لذتن ۾ مگن، بَس دنيا ئي دنيا ڪمائڻ ۾ مصروف آهيون.

## حبشِي غلام ۽ آخرت جو فڪر

حضرت رباح رحمۃ اللہ علیہ هڪ ڀيرو حبشي غلام خريد ڪيو، ان کي گهر وٺي آيا. ان غلام جي عادت تمام نرالي هئي، هي نه پاڻ رات جو سمهندو هو، نه حضرت رباح رحمۃ اللہ علیہ کي سمهڻ ڏيندو هو، هڪ ڀيرو رات ٿي وئي، هر پاسي اونداهي ٿي وئي ته حضرت رباح رحمۃ اللہ علیہ ان غلام کان پڇيو: توهان رات جو آرام ڇو نه ڪندا آهيو...؟ غلام دل ڏڪائيندڙ جواب ڏنو، چيائين: جڏهن رات جي

اونداهي ڦهلجي ويندي آهي تہ مان قبر ۽ جهنم جي اونداهي کي ياد ڪندو آهيان، ان ڪري منهنجي ننڊ ڦِٽي ويندي آهي، دل غمگين ٿي ويندي آهي، پوءِ جنّت ۾ انهن جي نعمتن کي ياد ڪندو آهيان تہ دل ۾ عبادت جو شوق پيدا ٿيندو آهي، جيئن تہ رات عبادت ۾ گذاريندو آهيان، هاڻي اوهان ئي ٻڌايو! اهڙي ڪيفيت ۾ مان ڪيئن ٿو سمهي سگهان؟ حضرت ربّاح رحمۃ اللہ علیہ هي جواب ٻڌو تہ ان غلام کي آزاد ڪري ڇڏيائون. (درۃالناصحین، المجلس الخامس والستون، ص۲۹۵)

## دانهن ڪري بي هوش ٿي ويا...!!

حضرتِ عمر بن عبدُ العزير رحمۃ اللہ علیہ هڪ ڀيري روئڻ لڳا، پاڻ رحمۃ اللہ علیہ کي روئندو ڏسي ڪري سندن گهرواري حضرت فاطمہ بنت عبدُالملڪ رحمۃ اللہ علیہا بہ روئڻ لڳيون بعد ۾ ٻيا گهروارا بہ روئڻ لڳا، جڏهن روئڻ جو سلسلو ختم ٿيو تہ عرض ڪيو ويو: اي اميرُ المؤمنين! اوهان ڇو روئي رهيا هئا؟ فرمايائون: مون کي بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿيڻ ياد اچي ويو هو جنهن کان بعد ڪو جنّت ۾ ويندو هو تہ ڪو دوزخ ۾، هي چئي ڪري پاڻ رحمۃ اللہ علیہ رَڙ ڪيائون ۽ بي هوش ٿي ويا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي قيامت جي ڏينهن جو خوف...!! قيامت اچڻ جو فڪر! الله ڪري تہ اسان کي بہ قيامت جي متعلق اهڙو فڪر نصيب ٿي وڃي! ڪاش! دل مان غفلت جا پردا هٽي وڃن ۽ اسان سنجيدگي سان قيامت کي ياد رکڻ ۽ ان جي تياري ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

| | |
|---|---|
| مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے | ہو مجھ ناتواں پر کرم یاإلٰہی! |
| گناہوں سے بھرپُور نامہ ہے میرا | مجھے بخش دے کر کرم یاإلٰہی! |
| میں تھا لائقِ نارِ دوزخ خُدایا | دِی جنّت ہے کتنا کرم یاإلٰہی! (2) |

[1]... حِلْيَةُ الاولياء، جلد:5، صفحہ:303، رقم:7201۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:110ملتقطاً۔

# قيامت جو علم ڇو پوشيده رکيو ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت ڪڏهن ايندي؟ ان جو درست وقت تہ الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو يا ان جي عطا سان ان جا پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻن ٿا ❁ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت اچڻ جو ڏينهن بہ ٻڌايو آهي تہ جمعي جي ڏينهن ايندي ❁ تاريخ بہ ٻڌائي آهي ❁ مهينو بہ ٻڌايو آهي تہ محرم الحرام جو مهينو هوندو❁ 10 تاريخ هوندي. هڪ شيءِ جيڪا نہ ٻڌائي وئي، اها آهي: **سال**. سَن نہ ٻڌايو تہ فلاڻي سَن ۾ قيامت ايندي، الله جا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻيندا هئا پر نہ ٻڌايائون ان ڪري تہ جيئن اسان هر وقت ان کان ڊڄندا رهون ۽ ان جي تياري ۾ مصروف رهون.

# قيامت جون نشانيون

ها! قيامت اچڻ جون ڪوڙ نشانيون آهن، جيڪي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ٻڌايون آهن، اچو! قيامت جون ڪجھ نشانيون ٻڌون ٿا ۽ انهن مان اسان کي عبرت حاصل ڪرڻي آهي، انهن حديثن ۾ جن ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اسان کي قيامت جي تياري جي سلسلي ۾ انهن ڪمن کان بچڻو آهي. اچو! حديثون ٻڌون ٿا:

## (1) فتنن جي ڪثرت

صحابيءِ رسول حَضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: قيامت کان پهريان فتنا ايئن ظاهر ٿيندا، جيئن رات جي اونداهي ڇائنجي ويندي آهي، ان وقت ماڻهو صبح جو مومن پر شام جو ڪافر هوندو، شام جو مومن ۽ صبح جو ڪافر هوندو، ان دور

۾ ❁وينل شخص بينل کان ❁ بينل، هلڻ واري کان ❁ هلڻ وارو، ڊوڙڻ واري کان بهتر هوندو.[1]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ ۾ ٻڌايو ويو ته فتنن جي ڪثرت قيامت اچڻ جي نشاني آهي، هاءِ! هيءَ نشاني هاڻي پوري ٿيندي نظر اچي رهي آهي، هاڻي اهو زمانو آهي جو هر پاسي فتنا ئي فتنا اُٿي رهيا آهن ❁ ڪو فتنو مشرق کان اٿندو آهي ❁ ڪو مغرب کان اٿندو آهي ❁ ڪٿي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُم جي بي ادبي جو فتنو آهي ❁ ڪٿي انبياءِ ڪرام جي شان ۽ اولياء جي شان کي گهٽائڻ جون ناپاڪ ڪوششون جاري آهن ❁ غير مسلم پوري طرح مُسلط ٿي چڪا آهن ❁ سوشل ميڊيا پنهنجي جڳهه تباهي مچائي رکي آهي ❁ اهي فتنا جيڪي پهريان ڪنهن شهر ۾ ٿيندا هئا، پکڙجڻ کان پهريان ئي ختم ٿي ويندا هئا، هاڻي سوشل ميڊيا جي ڪري هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ٿيڻ وارو فتنو ڪجهه ئي ڪلاڪن ۾ دنيا ڀر ۾ ڦهلجي ويندو آهي ۽ اسان ان کان غافل آهيون.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن دور جي تقاضن کي سمجهو! هي فتنن جو دور آهي، هن وقت جو وڏو ڪارنامو هي آهي ته ماڻهو پنهنجو ايمان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. تنهنڪري پوري سنجيدگي سان هن تي توجهه ڏيو! پاڻ کي فتنن کان بچايو! ۽ ايمان جي حفاظت ۾ لڳل رهو!

## مسلمان جو بهترين مال

**بخاري شريف** ۾ حديثِ پاڪ آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: عنقريب هڪ زمانو ايندو ان ۾ مسلمان جو بهترين مال ٻڪري هوندي،

[1] ابن ماجہ، کتاب الفتن، باب التثبت فی الفتنۃ، صفحہ:638، حدیث:3961 ملتقطاً۔

تہ جيئن ٻڪريون ڪاهي جبلن ۽ بارش جي جڳهن ڏانهن نڪري وڃي ۽ فتنن ڪان پنهنجو ايمان بچائي وٺي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ اسان کي فتنن کان بچڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي تہ جڏهن فتنا پکڙجي وڃن، ماڻهوءَ کي دين بچائڻ مشڪل ٿي وڃي، اهڙي وقت ۾ مومن ٻانهي کي گهرجي تہ انهن فتنن کان جُدا ٿي وڃي، مثلاً 4 ٻڪريون ڪاهي غارَن ڏانهن نڪري وڃي، اتي ئي ٻڪريون چاري، انهن جي کيرَ تي پنهنجو گذارو ڪري ۽ پنهنجو ايمان بچائي وٺي.

هاڻي ڏسو! اسان کي تعليم تہ هيءَ ڏني وئي آهي تہ فتنن جي وقت پاڻ کي انهن فتنن کان پري رکو! انهن جي ويجهو بہ نہ وڃو! پر افسوس! اسان جو حال بُرو آهي، اسان وٽ تہ هيءَ سوچ لڏي ويندي آهي تہ ڀلو سيني جي، ڪيو پنهنجي، هي نهايت خطرناڪ سوچ آهي، اسان کي فتنن کان بچڻ جو حڪم آهي، هي ناهي تہ پاڻ وڃي ڪري انهن فتنن جي نذر ٿي وڃون، خوب توجهہ سان انهن فتنن جون ڳالهيون ٻڌون ۽ پنهنجو ايمان برباد ڪري ويهون، ان ڪري پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان بچائڻو آهي تہ فتنن کان پري رهو! بَس اللّٰه ۽ رسول جي احڪامن تي عمل ڪيو! جيستائين ٿي سگهي نيڪي جي دعوت عام ڪيو! حلال رزق ڪمايو! ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن سان گهر ۾ رهو! سوشل ميڊيا بہ فتنن جو هڪ گهر آهي، ان کان بہ جيستائين ٿي سگهي بچندا رهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! اسان پنهنجو ايمان سلامت کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.

## ايمان بچائڻ جو ذريعو

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن فتنا پکڙيل هجن اُن وقت اسان کي پنهنجو ايمان ڪيئن بچائڻو آهي؟ ان حوالي سان هڪ ٻي حديث شريف ٻڌو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **اللّٰه پاڪ مسافرن سان محبت ڪندو**

[1] بخاری، کتاب الایمان، باب من الدين الفرار من الفتن، صفحہ:75، حديث:19ملتقطاً۔

**آهي**. عرض ڪيو ويو: ڪهڙا مسافر؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو :اهي جيڪي پنهنجو دين ۽ ايمان بچائڻ لاءِ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ سفر ڪندا رهن، اهي ماڻهو قيامت جي ڏينهن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ هوندا[1].

خبر پئي، فتنن جي دور ۾ ايمان بچائڻ جو هڪ ذريعو اهو آهي ته انسان الله جي راهه ۾ سفر ڪندو رهي. ❁ بس نيڪي جي دعوت عام ڪندو رهي. ❁ قرآن ۽ سنت جا احڪام سکندو رهي. ❁ نماز ۽ روزا سکندو رهي. ❁ مسجدن ۾ وقت گذاريندو رهي. ❁ سنتون سکندو ۽ اپنائيندو رهي. ❁ ايئن جيڪو خوش نصيب ڪرڻ وارن ڪمن ۾ لڳل رهندو ❁ نه ڪرڻ وارن ڪمن کان بچندو رهندو ❁ فتنن کان پري رهندو ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! **ايمان سلامت کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.**

الحمدُ لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** اَڄوڪي فتنن ڀري دور ۾ ايمان جي حفاظت جو ذهن به ڏيندي آهي ۽ ان جا ذريعا به مهيا ڪندي آهي، الله پاڪ جي فضل سان، دعوتِ اسلامي جا 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهينو ۽ 12 مهيني جا قافلا مسلسل سفر ڪندا رهندا آهن. انهن مدني قافلن جو مقصد ڇا آهي: مون کي پنهنجي اصلاح ڪرڻي آهي، سنتون سکڻيون آهن، نماز، روزا ۽ ٻيا بنيادي احڪام سکڻا آهن ۽ ساڳئي وقت سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح لاءِ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻي آهي.

اَلحَمۡدُلله! 15 **نومبر کان 15 ڊسمبر تائين "ماهِ مدني قافلو"** ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. توهان کي التجاء آهي ته سنتون سکڻ لاءِ، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ ۽ فتنن کان بچڻ لاءِ توهان به مدني قافلي جا مسافر بڻجي وڃو!

**اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم!** دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿي ونديون.

---

[1] زہد لابن مبارک، صفحہ:416، حدیث:1513۔

# 9 غير مُسلمن جو قبولِ اسلام

حيدرآباد (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: هڪ پيري عاشقانِ رسول جو مدني قافلو حيدرآباد کان ٽنڊو آدم پهتو. مدني قافلي جي عاشقانِ رسول 3 ڏينهن نيڪي جي خوب دعوت پيش ڪئي. آخري ڏينهن، هڪ غير مسلم شخص مسجد جي ٻاهران آيو ۽ اميرِ قافلا سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. اميرِ قافلا اسلامي ڀاءُ مسجد کان ٻاهر آيو، مسڪرائيندي ۽ پُرجوش انداز ۾ ان غير مسلم سان ملاقات ڪئي. ان غير مسلم چيو: اسلام انتهائي پاڪ دين آهي، جيڪو امن ۽ سلامتي جو درس ڏئي ٿو، پر مان مسلمان نه آهيان.

ان تي اميرِ قافلا اسلامي ڀاءُ ڪيس سمجهايو ۽ اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني. **الحمدُ لله**! اهو غير مسلم ساڳئي وقت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ، ان نئين مسلمان (New Muslim) خواهش ظاهر ڪئي ته منهنجي گهر وارن کي به سمجهايو وڃي، اميد آهي ته توهان جي سمجهائڻ سان اهي به مسلمان ٿي ويندا.

جيئن ته انهن جي خواهش ٿي، مدني قافلي وارا عاشقانِ رسول ان جي گهر ويا. ان جي گهر وارن (جيئن ته والد، چاچي، ڀائرن وغيره) کي سمجهايو ۽ اسلام جي دعوت ڏني. **الحمدُ لله**! محنت رنگ لاتو ۽ ان گهر جا 9 ڀاتي اسلام جي دامن سان وابسته ٿي ويا.

بعد ۾ اميرِ قافلا اسلامي ڀاءُ مسلمان ٿيڻ واري شخص کان پڇيو: توهان دين اسلام بابت نرم رويو رکندا هئا، پوءِ توهان ايترو عرصو مسلمان ڇو نه ٿيا؟ ان نئين مسلمان (New Muslim) اسلامي ڀاءُ چيو: مون اسلام جي باري ۾ جيڪو ڪتابن ۾ پڙهيو هو، اهو ظاهر ۾ نظر نه ايندو هو. جڏهن توهان جو مدني قافلو آيو ته مون کي ڪتابن ۾ بيان ٿيل اسلام جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير توهان ۾

نظر آئي. مون 3 ڏينهن مسلسل توهان جي معاملن کي تنقيدي نظر سان ڏٺو ۽ منهنجي دل مان اها ئي آواز آئي تہ هجي نہ هجي هي اسلام جا سچا پيروڪار ۽ باعمل عاشقانِ رسول آهن. ائين دل اسلام جي سچي دين هجڻ جي شاهدي ڏني ۽ مان مسلمان ٿي ويس.[1]

آؤ اے عاشِقیں! مل کے تبلیغِ دِیں | کافروں کو کریں، قافلے میں چلو!
کافِر آجائیں گے، راہِ حق پائیں گے | اِنْ شَآءَ الله! چلیں، قافلے میں چلو!
کفر کا سَر جھکے، دِیں کا ڈنکا بجے | اِنْ شَآءَ الله! چلیں، قافلے میں چلو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

الحمد لله! هي آهي توهان جي دعوتِ اسلامي!!... هن فتنن ڀري دور ۾ جڏهن هر طرف ايمان جا ڦورو ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ فتنا ئي فتنا اٿي رهيا آهن، توهان جي دعوتِ اسلامي هن دور ۾ غير مسلمن کي مسلمان ڪري رهي آهي، گهر گهر تائين علمِ دين پهچائي رهي آهي، اخلاق ۽ ڪردار ۾ مثبت تبديليون آڻي رهي آهي، ايمان جي حفاظت لاءِ فڪر جو ذهن پيدا ڪري رهي آهي. **توهان بہ مدني قافلن جا مسافر بڻجي وڃو!** 12 مهينا، 12 مهينا، 1 مهينو، 12 ڏينهن يا گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن لاءِ هر مهيني مدني قافلي ۾ شريڪ ٿيڻ جي نيت ڪري ڇڏيو!

دل کی کَلیاں کِھلیں قافِلے میں چلو | رنج و غم بھی مِٹیں قافلے میں چلو
فضل کی بارِشیں ،رَحمتیں نعمتیں | گر تمھیں چاہئیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] باکردار عطّاری، صفحہ:25

## (2) علم کڄي ويندو

بخاري شريف ۾ حديث آهي، نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَالِہٖ وَسَلَّم فرمايو: قيامت جي نشاني مان هڪ نشاني هيءَ آهي تہ علم کڄي ويندو ۽ جهالت عام ٿي ويندي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** قيامت جي هيءَ نشاني بہ اڄ جي دور ۾ پوري ٿيندي نظر اچي رهي آهي. افسوس! اڄ جي زماني ۾ معلومات جي تہ ڪثرت آهي، پر ❁ حقيقي علم ❁ڪتابي علم ❁ تحقيقي علم، جيڪو ❁ قرآن ۽ سنت مان سکيو وڃي. ❁حديثون پڙهي سکيو وڃي. ❁ عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام جون ڪتابون پڙهي سکيو وڃي. افسوس! اهڙي علم جي اڄڪلهہ ڏاڍي گهٽتائي آهي. اُنهيءَ مان اندازو لڳايو تہ اڄ جو نوجوان دين سکڻ لاءِ ❁ نہ قرآن ڪريم پڙهندو آهي. نہ تفاسير پڙهندو آهي. ❁ نہ حديث جي ڪتابن جو مطالعو ڪندو آهي. ❁ نہ ديني ڪتاب پڙهندو آهي. بلڪ دين سکڻ لاءِ ديني لٽريچر ڪي ڇڏي، سوشل ميڊيا جو استعمال ڪري رهيو آهي. پوءِ سوشل ميڊيا تہ سوشل ميڊيا آهي، هتي هر قسم جا بازار لڳا پيا آهن. جنهن جي دل ۾ جيڪو اچي رهيو آهي، اهو ڳالهائي رهيو آهي. ان جو نتيجو ڇا آهي؟ ڪتابي علم ختم ٿيندو پيو وڃي. ❁ غير معياري معلومات عام ٿيندي پئي وڃي.

## ڪتابي علم جو نہ هجڻ بہ وبال آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو ! ڪتابي علم جو نہ هجڻ ۽ صرف ٻُڌل ڳالهين تي يقين ڪري ويهي رهڻ هي وڏي بيماري آهي.

بني اسرائيل ۾ جيڪي ماڻهو گمراهہ ٿيا، اُنهن کي ايمان نصيب نہ ٿيو، ان جو هڪ سبب قرآنِ ڪريم ۾ هيءُ بہ بيان ٿيو آهي:

وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّاۤ اَمَانِيَّ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن مان ڪجهه اڻ پڙهيل آهن جيڪي ڪتاب کي نٿا ڄاڻن پر زبان پڙهڻ يا ڪجهه پنهنجي من گهڙت ۽ اُهي صرف خيال ۽ گمان ۾ پيل آهن.

(پارہ:2،سورۃٔبقرہ:78)

خبر پئي تہ ڪتاب کان جاهل هجڻ، مثلاً ❁ قرآن ڪريم نہ سکڻ. ❁ حديثون نہ سکڻ. ❁ عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام جي ڪتابن بدران بُڌل ڳالهين تي اعتبار ڪرڻ. ❁ انهي کي علم ۽ تحقيق جو معيار بڻائي وٺڻ. هي بہ هڪ قسم جي جهالت آهي، جيڪا گمراهي جو سبب بڻجندي آهي. اڄ اها ڳالهہ عام آهي. دين سڄي جو سڄو **عربي زبان** ۾ آهي، پر حالت اهڙي آهي جو عربيءَ جو الف، باء بہ ناهي ايندو، **قرآن ڪريم** جيڪو عربي زبان ۾ آهي، اهو پڙهڻ بہ نہ ايندو آهي، حديثون جيڪي عربي زبان ۾ آهن، اهي پڙهڻ ئي ناهن ايندديون. ماڻهو بس سوشل ميڊيا تان ڳالهيون ٻڌي ڪري علماءِ ڪرام جي خلاف ٿي ويندا آهن، قرآن ۽ حديث جون اهڙيون غلط تشريحون ڪندا آهن، جو اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيْظ...!!

انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي تہ ڪتابي علم سکڻ طرف اچون، ڪتاب پڙهون. علماءِ ڪرام جي خدمت ۾ حاضر ٿيون، انهن کان باقاعده طور تي علمِ دين سکون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! علمِ دين جون برڪتون نصيب ٿينديون.

## ڪتابي علم سکڻ جوهڪ ذريعو

الحمد للّٰه! دعوتِ اسلامي اڄوڪي دور ۾ علمِ دين عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، ❁ مدرسة المدينہ جي ذريعي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظره جي تعليم عام ٿي رهي آهي، اهڙي طرح ❁ جامعة المدينہ ❁ فيضان آن لائن اڪيڊمي❁ هفتيوار مدني مذاڪرو❁ مدني قافلا وغيره عِلمِ دين سکڻ جا بهترين ذريعا آهن. انهن ذريعن مان هڪ ذريعو **هفتيوار رسالي جو مطالعو** پڻ آهي. **اميرِ اهلِ**

سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هرهفتي مدني مذاڪري ۾ هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، مختصر، معلوماتي ۽ تحقيقاتي رسالو هوندو آهي، سولي اردو ۾ لکيو ويندو آهي. اُن ۾ هرهر ڳالهه جو حوالو لکيو ويندو آهي. الحمد لله! دنيا جا لکين عاشقانِ رسول اهو رسالو پڙهڻ يا آڊيو ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. توهان بہ هفتيوار رسالو پڙهڻ جي عادت بڻايو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! علمِ دين سکڻ جي سعادت نصيب ٿيندي.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو |
| علم حاصل کرو جہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حلال ۽ حرام جي معاملي ۾ بي پرواهي

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ **الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهن تي هڪ اهڙو دور ايندو جو ماڻهو ڪي هن ڳالهه جي ڪا پرواهہ نہ هوندي تہ ان (مال) ڪٿان حاصل ڪيو حرام ذريعي سان يا حلال ذريعي سان.[1]

**مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جي شرح ۾ لکن ٿا: يعني آخري زماني ۾ ماڻهو دين کان بيپرواهہ ٿي ويندا، پيٽ جي فڪر ۾ هر طرح کان ڦاسي پوندا، آمدني وڌائڻ، مال جمع ڪرڻ جي فڪر، هر حلال ۽ حرام وٺڻ تي دلير ٿي ويندا جيئن اڄڪلهہ عام ٿي رهيو آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو دور واقعي اچي چڪو آهي. اڄڪلهہ حلال ۽ حرام جي پرواهہ آڻ لڀ آهي. ❁ سُودي ڪاروبار عام ٿي ويو آهي. ❁ رشوت عام آهي. ❁

---

[1] بخاری، کتاب البیوع، باب من لم یبالی من حیث...الخ، صفحہ:538، حدیث:2059۔

[2] بخاری، کتاب البیوع، باب من لم یبالی من حیث...الخ، صفحہ:538، حدیث:2059۔

ماپ تور ۾ گهٽ وڌائي ڪئي ويندي آهي. ❁ ملازم ايمانداري سان ڪم ناهن ڪندا. ❁ ڪوڙ ڳالهائي ❁ ڪوڙيون قسمون کائي ڪري پنهنجو سودو وڪڻيو ويندو آهي ۽ اُن تي وڏي جرئت سان چوندا آهن: **مِيان! سچ جو زمانو ناهي رهيو، هاڻي ڪوڙ کان سواءِ ڪاروبار نٿو هلي .**

لَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّۃَ اِلَّا بِاللّٰہِ! ڪوڙو جنهن تي الله پاڪ جي لعنت وسندي آهي، چا معاذالله! اُن کي رزق ملندو آهي، سچ ڳالهائڻ واري کي نہ ملندو؟ الله پاڪ اسان کي هدايت نصيب فرمائي. حلال ڪاڏو انتهائي ضروري آهي. هي ڳالهہ ياد رکو! تہ ٻانهي جي دين جو بنياد حلال لقمي تي آهي. جنهن جو ڪاڌو حلال ٿيو ❁ان جون دعائون بہ قبول ٿينديون آهن❁ عبادت ۾ لذّت بہ ايندي آهي ❁ نيڪين جي توفيق بہ ملندي آهي❁ دل ۾ نُور بہ ايندو آهي ۽ مال ۾ برڪت بہ نصيب ٿي ويندي آهي.

## هڪ سِڪي جو ڪمال

مُلا جِيون رحمۃ اللہ علیہ هند جا هڪ وڏا عالم گذريا آهن، مُغليہ سلطنت جي بادشاهہ اورنگزيب عالمگير جا استاد هئا. هڪ ڀيري اورنگزيب عالمگير رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي استاد صاحب جي دعوت ڪئي، گهر گهرايائون، نهايت عزت سان پيش آيا. هاڻي بادشاهہ تہ بادشاهہ هوندا آهن، انهن وٽ مال دولت جي ڪهڙي کَمي هوندي آهي، چاهين ها تہ استادِ محترم جي خدمت ۾ وڏي رقم بہ پيش ڪري سگهيا پئي پر بادشاهہ عالمگير استاد جي خدمت ۾ صرف ہہ آنن جو سڪو پيش ڪيو. ہہ آنا مطلب: هڪ روپئي ۾ 16 آنا هوندا آهن، ايئن 1 روپئي جو انون حصو ہہ آنا چورائيندو.

ان واقعي کي ڪجهہ سال گذري ويا، بادشاهہ سلامت پنهنجي حڪومتي ڪمن ۾ مصروف ٿي ويا، مُلا جِيون رحمۃ اللہ علیہ مدرسي ۾ پڙهائي رهيا هئا. تقريباً 12 کان 14 سالن کان بعد بادشاهہ عالمگير رحمۃ اللہ علیہ کي خبر ملي تہ سندن استاد تہ

تمام گهڻو امير ٿي ويا آهن، ڪٿي اهو ننڍڙو گهر هوندو هو، هاڻي ته وڏو گهر به خريد ڪري ورتو، مال ۽ دولت جي به اَچ وچ لڳي پئي آهي. هي ٻڌي ڪري بادشاهه  کي وڏي حيراني ٿي.

خير ڪجهه سالن کان بعد ٻيهر ملاقات ٿي ته استادِ محترم مُلا جِيون رحمۃ اللہ علیہ پاڻ ئي چيو: اورنگزيب! توهان جيڪي ٻه آنا ڏنا هئا، ان ۾ تمام گهڻي برڪت پئي، مون ان کي ڪاروبار ۾ لڳايو ته ڪجهه ڏينهن ۾ ڪوڙ منافعو مليو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي مان امير ٿي ويس.

هاڻي بادشاهه سلامت معاملو سمجهي چڪا هئا. عرض ڪيائون: استادِ محترم! اهي ٻه آنا ڪهڙا هئا، ان جو راز به ٻڌايان؟ فرمايائون: ضرور ٻڌايو! بادشاهه سلامت فوراً هڪ سپاهي کي موڪليو، چيائين: فلاڻي پاڙي ۾ جيڪو اناج جو واپاري رهندو آهي، ان کي چئو پنهنجو فلاڻي سال جو کاتو کڻي ڪري مون وٽ اچي وڃي. واپاريءَ کي حاضر ڪيو ويو، بادشاهه جو حڪم ٿيو: کاتو کولي ڪري پڙهڻ شروع ڪيو! ان پڙهڻ شروع ڪيو: هيتري رقم فلاڻي کي ڏني، هيتري فلاڻي کان ورتي، ايئن اهو پڙهندو ويو، بادشاهه سلامت ۽ ملا جيون رحمۃ اللہ علیہ توجهه سان ٻڌندا ويا. هڪ جڳهه پهچي ڪري  اناج جو واپاري خاموش ٿي ويو، حڪم ٿيو! پڙهو چونه ٿا، اڳتي به پڙهو! واپاريءَ هڪ ٿڌو ساهه پريو ۽ پڙهيو: ٻه آنا نامعلوم شخص کي ڏنا.

بادشاهه پڇيو: هي نامعلوم شخص ڪير آهي؟ واپاري هڪ ٿڌو ساهه پريو ۽ چيائين: بادشاهه سلامت! هي هڪ رات جو واقعو آهي، مان پنهنجي گهر هيس، مينهن وسي رهيو هو، ان دوران منهنجي گهر جي ڇت ٽِمڻ لڳي، هاڻي رات جو وقت هو، مينهن جي موسم، ان وقت مزدور رازا وغيره ڪٿان ملن ها، بهرحال! مان ٻاهر نڪتُس، هڪ شخص ملي ويو، مان سمجهيس ته مزدور ئي هوندو، مون ان کي چيو: ياءَ منهنجي ڇت جي مرمت ڪيو! اهو مون سان گڏ آيو، سڄي رات ڪم ڪندو رهيو، ان تمام پلو ڪم ڪيو، اجان فارغ ئي ٿيو هو ته فجر

جي اذان ٿي وئي، مون ان جو شڪريو ادا ڪيو، ان وقت مون وٽ ٻه آنا هئا، مون ان کي ڏيندي چيو: هاڻي هي ونو! باقي رقم صبح دڪان تي اچي ڪري ڪٽي وڃجو. اهو نهايت چڱو ماڻهو هو، چيائين: مونکي هي ٻه آنا ڪافي آهن. مان صبح نه اچي سگهندس.

ان شخص ڪم نهايت چڱي طريقي سان ڪيو هو ۽ جنهن مشڪل وقت ۾ هو مونکي ڪم آيو هو، ان جي اجرت گهٽي ٻڌجي رهي هئي پر اهو ٻه آنا ئي وٺي ڪري هليو ويو، مان اڄ تائين ان کي ڳوليندو آهيان ته ان جي خدمت ڪيان پر خبر ناهي ڪير هو، ٻيهر نه مليو.

هي واقعو ٻڌي ڪري بادشاه سلامت اناج جي واپاريءَ کي واپس موڪلي ڇڏيو. پوءِ استادِ محترم ڏانهن رخ ڪري عرض ڪيائون: سائين! اهو شخص جنهن رات هن واپاريءَ جي گهر جي مزدوري ڪئي هئي، اهو مان ئي هيس، اهي ٻه آنا منهنجي هٿ جا ڪمايل، 100 فيصد حلال جا هئا، ان ڪري اهي مون اوهان کي پيش ڪيا هئا، ان ڪري ان ۾ ايڏي برڪت آئي.

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آهي حلال جي برڪت...!! ماڻهو چوندا آهن: ڪوڙ جي بغير گذارو ناهي ٿيندو، دڪان ناهي هلندو، هي ظاهري طور تي پيسا ته گهڻا ڪمائي وٺندا آهن پر پوري ناهي ٿيندي، اها ڪوڙ جي ذريعي ڪمايل رقم ڪڏهن بيمارين ۾ نڪرندي آهي، ڪڏهن فضوليات ۾ خرچ ٿيندي آهي، تنهنڪري حلال ڪمايو! حرام کان پري رهو! حلال ذريعي سان جيتوڻيڪ پيسا گهٽ اچن پر ان ۾ برڪت هوندي. اللّٰه پاڪ اسان کي حلال ڪمائڻ، حلال ئي کائڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ماءُ پيءُ کي ستائڻ

قربِ قيامت جي هڪ ٻئي نشاني ٻڌو! هڪ ڀيري جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام انساني شڪل ۾ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، پاڻ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪجھ سوال پڇيا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جا جواب ارشاد فرمايا، انهن مان هڪ سوال هي پڇيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيامت جون ڪجھ نشانيون ٻڌائيندا! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ نشاني ٻڌائيندي فرمايو: اَنۡ تَلِدَ الۡاَمَةُ رَبَّتَهَا يعني قيامت جي نشانين مان هڪ نشاني هيءَ به آهي ته عورت پنهنجي آقا کي ڄڻيندي.

عالم سڳورن ان جو هڪ مطلب هي ٻڌايو آهي ته قربِ قيامت ۾ ماءُ پيءُ جو قدر بلڪل نه رهندو، اولاد پنهنجي ماءُ تي ائين حڪم هلائيندو، جيئن آقا پنهنجي غلامن تي حڪم هلائيندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت جي هيءَ نشاني به تقريباً پوري ٿي چڪي آهي. افسوس! هاڻي ماڻهو ماءُ پيءُ جو قدر تمام گهٽ ڪندا آهن ❁ ماءُ پيءُ پوڙها ٿي وڃن ته نافرمان اولاد کي بار لڳندا آهن ❁ اهڙا نادان به آهن، جيڪي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري جنّت جا حقدار ٿيڻ جي بدران انهن کي اولڊ هائوس ۾ ڇڏي ايندا آهن. ان کان علاوه ❁ ماءُ پيءُ کي گاريون ڏيڻ ❁ انهن تي حڪم هلائڻ ٿوري ٿوري ڳالھ تي انهن جي سامهون دانهون ڪرڻ ❁ رڙيون ڪرڻ ❁ انهن کي دڙڪا ڏيڻ، ❁ ڌِڪا ڏيڻ، هي ته تمام عام ڳالهيون آهن ڪڏهن ڪڏهن چڱا ڀلا پڙهيل لکيل به والدين کي جهالت جا طعنا ڏيندي نظر ايندا آهن، بابا اوهان کي ڪهڙي خبر، امان اوهان کي ڪهڙي خبر، زمانو مٽجي ويو آهي، عام طور تي اهڙيون ڳالهيون اولاد ڪري رهيو هوندو آهي. ان کان علاوه به ڪيئي طرح سان ماءُ پيءُ جي بي ادبي ڪئي ويندي آهي، ايستائين جو والدين تي تشدد جا واقعات به اخبارن ۾ ڇپجندا رهندا آهن بلڪ هاڻي ته اهڙا به نافرمان آهن جو

والدين کي قتل ڪرڻ کان بہ پوئتي ناهن هٽندا، اهڙيون خبرون بہ ڪٿي نہ ڪٿي ٻڌڻ جي لاءِ ملنديون رهنديون آهن.

## والدين کي ستائڻ حرام آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! والدين دنيا ۾ اسان جي جنّت آهن. انهن جو ادب نهايت ضروري آهي. قرآن ڪريم ۾ ڪوڙ مقامَ اهڙا آهن جتي الله پاڪ پنهنجي عبادت ۽ والدين جي خدمت جو حڪم گڏ ڏنو آهي. ارشاد ٿئي ٿو:

اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَ لِوَالِدَيْكَ

آيت ترجموڪنزُ العرفان: تہ منهنجو ۽ پنهنجي والدين جو شڪر ادا ڪيو (سيپارو: 21م سورت لقمان: 14)

هڪ مقام تي ارشاد فرمايو:

وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِیَّاهُ وَ بِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًا

آيت ترجموڪنزُ العرفان: تنهنجي ربّ حڪم فرمايو تہ ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪيو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪيو (سيپارو: 5، سورت بني اسرائيل: 23)

ڏسو! هي ڪيترو بُلند مقام آهي، الله پاڪ حڪم ڏنو: اي ٻانهؤ! منهنجو شڪر ادا ڪيو! منهنجي عبادت ڪيو! پوءِ گڏ ئي، ان حڪم سان جوڙي ڪري هڪ ٻيو حڪم ڏنو، فرمايو: منهنجي شڪر سان گڏ والدين جو بہ شڪر ادا ڪيو! منهنجي عبادت سان گڏوگڏ والدين سان نيڪ سلوڪ بہ ڪندا رهو...!!

هن مان معلوم ٿيو: جهڙيءَ طرح الله پاڪ جي عبادت کان منهن موڙڻ تمام وڏي محرومي آهي، ائين ئي والدين جي بي ادبي ڪرڻ بہ تمام وڏو گناهہ آهي. اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ عَلَیْہ لکن ٿا: پيءُ جي نافرماني الله جبّار ۽ قهّار جي نافرماني

آهي ۽ پيءُ جي ناراضگي الله جبّار ۽ قهّار جي ناراضگي آهي، ماٽهو والدين کي راضي ڪري ته اهي هن جي جنّت آهن ۽ ناراض ڪري ته اهي ئي هن جا دوزخ آهن. جيستائين پيءُ کي راضي نه ڪندو، ان جو ڪو فرض، ڪو نفل، ڪو نيڪ عمل اصل ئي قبول ناهي، آخرت جي عذاب کان علاوه دنيا ۾ ئي جيئري سخت بلا(يعني شديد مصيبت) نازل ٿيندي، مرڻ وقت معاذَ الله ڪلمو نصيب نه ٿيڻ جو خوف آهي.

## ظالم والدين جي به فرمانبرداري لازم آهي

حضرت عبدُ الله ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما کان روايت آهي ته رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن هن حال ۾ صبح ڪئي جو پنهنجي والدين جو فرمانبردار آهي، ان جي لاءِ صبح جو ئي جنّت جا 2 دروازا کُلي ويندا آهن ۽ والدين مان هڪ ئي هجي ته هڪ دروازو کُلندو آهي. ۽ جنهن هن حال ۾ شام ڪئي جو ماءُ پيءُ جي باري الله پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي ان جي لاءِ صبح جو ئي جهنم جا 2 دروازا کُلي ويندا آهن ۽ (والدين مان) هڪ هجي ته هڪ دروازو کُلندو آهي. هڪ شخص عرض ڪيو: **توڙي جو ماءُ پيءُ ان تي ظلم ڪن.** **فرمايائون: جيتوڻيڪ ظلم ڪن،** جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن.[1]

## هر دعا پوري فرمائيندُس

هڪ ڀيري الله پاڪ جا نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڪٿي سفر تي هئا، پيادل ئي هلي رهيا هئا، هلندي هلندي ڪين ڪجهه ٿڪاوٽ محسوس ٿي. پاڻ رُڪجي ويا. الله پاڪ وحي موڪلي: اي موسيٰ! ويجهو ئي هڪ جبل آهي، اتي تشريف وٺي وڃو! ان غار ۾ هڪ شخص هوندو، اهو اوهان جي لاءِ سواري جو انتظام ڪري ڇڏيندو.

---

[1] شُعَبُ الْايمان ، باب فی بر الوالدين، فصل فی حفظ حق...الخ، جلد:6، صفحه:206، حديث:7916۔

هاڻي ڏسو! ڪهڙي ڪرم نوازي آهي ۞ الله پاڪ چاهي ها ته پاڻ ئي سواري جو انتظام فرمائي ڇڏي ها ۞ الله پاڪ چاهي ها ته هوا کين اڏائي ڪري ڪٽي وڃي ها ۞ وڻ سندن سواري جي لاءِ ڪم ڪن ها ۞ بلڪ الله پاڪ جي قدرت کان ڪهڙو پري آهي ۞ هو چاهي ها ته زمين ويڙهي وڃي ها ۞ کين هلڻو ئي نه پئي ها ۽ منزل تي پهچي وڃن ها پر هيءَ الله پاڪ جي ڪرم نوازي آهي، جيڪو الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي، الله پاڪ پنهنجي نبين جي سامهون ان جي نيڪ نامي ظاهر فرمائيندو آهي.

خير! حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان غار ۾ پهتا، اهو شخص کين سڃاڻيندو نه هو، پاڻ فرمايائون: مونکي هڪ سواري گهرجي! ان شخص فوراً ڪڪرَ کي حڪم ڏنو: اي ڪڪر هيٺ لهي اَچ! هنن کي هنن جي منزل تائين پهچاءِ! ڪڪر انهيءَ وقت هيٺ لهي آيو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي پاڻ تي سوار ڪيائين. حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تمام گهڻو حيران ٿيا، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيائون: اي الله پاڪ! هي بانهو ڪير آهي؟ الله پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! هي پنهنجي ماءُ جو فرمانبردار آهي، ان پنهنجي ماءُ جي تمام گهڻي خدمت ڪئي ، جڏهن ان جو آخري وقت آيو ته ان دعا ڏني: پٽ! مان تو سان راضي آهيان، الله پاڪ به تو سان راضي ٿئي. تنهنڪري مان ان سان راضي ٿي ويس، جيڪڏهن هي بانهو دعا گهري ته مولا! ڳاڙهي جبل کي ڪارو ۽ ڪاري کي ڳاڙهو بڻائي ڇڏ ته ان جي دعا ڪان مان هي به ڪري ڇڏيندس.

سُبۡحٰنَ الله! هيءَ آهي والدين جي ادب ۽ احترام جي برڪت...!! اڄ دنيا ۾ ڪيتريون پريشانيون آهن ۞مهانگائي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي ۞ ڪاروبار جون پريشانيون ۞ صحت جون پريشانيون ۞ ٻارن ٻچن جون پريشانيون ۞ تنگدستي، بي روزگاري ۞ قرض چڙهيل آهي ۞ ڪم نه ٿو هلي ۞ روزگار نه ٿو ملي ۞۽ هزار طرح جون پريشانيون، جنهن کي ڏسو، غم جي داستان ڪنيو وتي ٿو. ڪيتري آسان ڳالهه آهي: گهر ۾ والدين موجود آهن، انهن کي راضي ڪيو،

انهن جي خدمت ڪيو، انهن جون دعائون وٺو، الله پاڪ دنيا جون پريشانيون به دور فرمائي ڇڏيندو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قبر ۽ آخرت جي امتحان کان به نجات ملي ويندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مسجدن ۾ دنياوي ڳالهيون ٿينديون

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت جي نشانين مان هڪ نشاني هيءَ به آهي ته قربِ قيامت مسجدن ۾ دنياوي ڳالهيون ڪيون وينديون. جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ زمانو اهڙو ايندو يَكُوْنُ حَدِيْثُهُمْ فِيْ مَسَاجِدِهِمْ فِيْ اَمْرِ دُنْيَاهُمْ ڪجھ ماڻهو مسجدن ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا، توهان انهن سان گڏ نه ويهو جو الله پاڪ کي انهن کان ڪجھ ڪم ناهي.[1]

مشهور مُفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ ان حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني الله پاڪ انهن تي رحم نه ڪندو، نه ته ربَّ کي ڪنهن ٻانهي جي ضرورت ناهي، هو ضرورتن کان پاڪ آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! بدقسمتي سان مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ عام ٿيندو پيو وڃي، افسوس! علمِ دين جي دوري جي باعث اڄڪلھ مسجد ۾ ويهي ڪري انتهائي بيباڪي ۽ غير سنجيدگي سان نه صرف دنياوي ڳالهيون ڪيون وينديون آهن بلڪ ڄاڻي واڻي ڪيئي اهڙا ڪم ڪيا ويندا آهن جيڪي آدابِ مسجد جي خلاف هوندا آهن. غور ته ڪيو! مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ وارا ڪيڏا بد نصيب آهن جو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيبن کي انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ کان منع فرمائي ڇڏيو.

---

[1] شُعَبُ الْإِيمان ، باب فی الصلوات، فصل المشی الی المساجد،جلد:3، صفحہ:87، حديث:2962

[2] مراۃ المناجيح، جلد:1، صفحہ:457۔

## مسجد ۾ ڳالهيون ڪرڻ نيڪين کي کائي ويندو آهي

تفسيرِ مدارڪ شريف ۾ آهي تہ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ نيڪين کي هن طرح کائي ويندو آهي جهڙيءَ طرح چوپايو گاهہ کي کائي ويندو آهي.[1]

امام احمد رضا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ نقل ڪن ٿا: جيڪو مسجد ۾ دنياوي ڳاليهون ڪري، الله پاڪ ان جي 40 سالن جا (نيڪ) اعمال اڪارت (يعني برباد) فرمائي ڇڏيندو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڊڃڻ جي ڳالهہ آهي، پهريان اسان نيڪيون ڪيون ئي ڪيتريون ٿا؟ وري مسجد ۾ ڳالهيون ڪري رهيون سهيون نيڪيون بہ برباد ڪري ويهون تہ اسان جو ڇا ٿيندو...؟ ان ڪري مسجد جو ادب ۽ احترام ڪيو! مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ کان بچو! هيءَ هڪ افسوسناڪ صورتحال آهي جو ڪيئي ماڻهن کي مسجدن جا آداب معلوم ئي ناهن هوندا، هي بہ سکڻ جون ڳالهيون آهن، اسان کي سکڻ گهرجن. اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ جو نهايت ئي پيارو ڪتاب آهي: فيضانِ رمضان. ان ۾ مسجد جا آداب تفصيل سان لکيا ويا آهن، آسان اردو ۾ لکيل آهن، سيني کي گهرجي تہ ان ڪتاب کي حاصل ڪن، ان کي پڙهن، اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡڪَرِيۡم! علمِ دين جو وڏو خزانو نصيب ٿيندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي قيامت جون ڪجهہ نشانيون اوهان جي سامهون عرض ڪيون، ان کان علاوه بہ حديثن ۾ قيامت جون ڪيئي نشانيون بيان ٿيون آهن ۽ انهن ۾ اڪثر اهي آهن جيڪي تقريباً پوريون ٿي چڪيون آهن. هي سڀ ڪم اهي آهن، جن کان اسان کي عبرت وٺڻ گهرجي، انهن بُرائين کان بچڻو آهي. تنهنڪري پنهنجي اندر قبر ۽ آخرت جو خوف وڌايو! آخرت جو فڪر

---

[1]...ڪشف الخفاء،جلد:1، صفحہ:315، حديث:1119۔

[2]...فتاویٰ رضويہ،جلد:16،صفحہ:311 ۔

اپنايو! قبر ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻڻ جي لاءِ نيڪ نمازي بڻجي وڃو! الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني ڪورسز

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمۡدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي علمِ دين جو نور ورهائڻ واري تحريڪ آهي. جيڪا علمِ دين کي عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. دعوت اسلامي جي اها ڪوشش آهي ته مسلمان گهٽ ۾ گهٽ فرض علمِ دين جيئن وضو، غُسل، نماز، روزو، زڪوات وغيره جا ضروري مسئلا سکي وٺن.

اوهان به دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني ڪورسز به آهي. اَلحَمۡدُلله! دعوت اسلامي جي تحت ڪيئي شارٽ ڪورس ڪرايا ويندا آهن مثلاً ❁ 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس ❁7 ڏينهن جو 12 ديني ڪمن جو ڪورس ❁ 7 ڏينهن جو اصلاحِ اعمال ڪورس وغيرها.❁ هن ديني ڪم ۾ شرڪت سان اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو. ❁ دين سکنداسين ته الله پاڪ راضي ٿيندو. ❁رزق ۾ برڪت ٿيندي، ❁علمِ دين جو خزانو ملندو. ❁نيڪين جو ذهن بڻجندو. ❁الله پاڪ جي عبادت صحيح انداز تي ڪري سگهنداسين ته اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ڪرم ئي ڪرم ٿيندو. ❁پورو ديني ماحول به ملندو. ❁نيڪ ماڻهن جي صحبت به نصيب ٿيندي، ان جون پنهنجون برڪتون آهن.

# ٻن ڀائرن جي اصلاح جو راز

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان مان طرح طرح جي گناهن ۾ مبتلا هيس، قسمت جو تارو ايئن چمڪيو جو منهنجي وڏي ڀاءُ اسلامي ڀائرن جي نيڪي جي دعوت تي 63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس ۾ داخلا ورتي. تربيتي ڪورس ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ڀاءُ گهر تشريف ڪٺي آيو ته سيئي گهر وارا اهو ڏسي ڪري حيران ٿي ويا ته هُو بلڪل بدلجي چڪو هو، سنتن ڀريو لباس، مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجايل هو. مان ان جي اخلاق ۽ ڪردار سان ڏاڍو متاثر ٿيس. اَلحَمدُلله! منهنجي ڀاءُ مون کي به نيڪي جي دعوت ڏني ۽ مون کي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويو. ڀاءُ جي سمجهائڻ تي مون به 63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس ۾ داخلا (*Admission*) ورتي، جنهن ۾ شريعت جا بيشمار مسئلا، سنتون ۽ دعائون سکڻ جو موقعو مليو. مون تي منهنجي ربّ ڪريم جو ڪروڙين احسان آهي جو جنهن پنهنجي حبيب جي صدقي دعوت اسلامي جو پيارو پيارو ماحول عطا فرمايو.[1]

| | |
|---|---|
| عطائے حبیبِ خدا دِینی ماحول | ہے فیضانِ غوث و رضا دِینی ماحول |
| اگر سنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ | تم آجاؤ دیگا سکھا دِینی ماحول[2] |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...بریک ڈانسر کیسے سدھرا، صفحہ:10تا12 بتغیر۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:646۔

## ”نعت ڪوليڪشن“ (Naat Collection) موبائل ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اج ٽيڪنالوجي جو دور آهي. اَلحَمدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اسمارٽ فون (***Smartphone***) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ جي طرفان هڪ ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي: جنهن جو نالو آهي: *Naat Collection* (نعت ڪليڪشن) ❁ هن ايپلي ڪيشن ۾ اعليٰ حضرت امام احمد رضا، مولانا حامد رضا خان، مفتيءِ اعظم هند، مولانا حسن رضا خان، مولانا جميل رضوي، مفتي احمديارخان نعيمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم ۽ امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪلامن کي شامل ڪيو ويو آهي ❁ هر ڪلام جي مجموعي ۾ ڪلامن کي حرف تهجي ۽ رديف جي ترتيب تي ڏسي سگهجي ٿو جڏهن تہ سرچ بار مان پنهنجي مطلوبہ رديف جي ترتيب تي ڏسي سگهجي ٿو جڏهن تہ سرچ بار مان پنهنجو مطلوبہ ڪلام آساني سان ڳولهي سگهجي ٿو ❁مختلف ڪلامن کي ويڊيو/ آڊيو ڏٺي ۽ فري ۾ ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهو ٿا.❁ پسنديده ڪلام کي نشان لڳائي ڪري باربار ڏٺي سگهجي ٿو❁اوهان پنهنجي پسنديده ڪلام کي مائي ڪليڪشن فيچر ۾ محفوظ ڪري سگهو ٿا ❁ جڏهن تہ ڪلام يا شعر کي ڪاپي ڪري واٽس ايپ، فيس بڪ، ٽويٽر وغير تي آساني سان شيئر ڪري سگهو ٿا. هن ايپليڪيشن کي پاڻ بہ ڊائون لوڊ ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلانات

۞ هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ چنچر تي بہ رات جي وقت مدني چينل تي اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! هفتيوار مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ سوالن جا جوابَ بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ هن جي دعوت ڏين. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو ”غيبت جون تباھ ڪاريون مان مدني گُل“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي بہ شئير (Share) ڪيو!

۞ ننڍي عُمر ۾ قرآن حفظ ڪرڻ وارا، 20 سال جي عُمر ۾ تمام علوم حاصل ڪري عالم بڻجڻ وارا ۽ ڪيئي خصوصيتن وارا الله پاڪ جا ولي حضرت احمد ڪبير رِفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ رسالو شانِ احمد ڪبير رفاعي، 12 روپين ۾ مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان قيمت ڏئي طلب ڪيو، پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاھِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِيۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِيۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِيۡ كَانَ مَعِيَ فِي الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون

سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## وعدي جي پابندي سُنت آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو وعدو پُورو نٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان ناهي.[2] (2): جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدو خلافي ڪري ان تي الله پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! وعدو پورو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي. ❁ اسان جا آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وعدي جا گهڻا پَڪا هئا ۽ ❁ وعدو ٽوڙڻ کي تمام ناپسند ڪندا هئا. ❁ اِعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عرض ڪيو: اوهان ترسو مان اجهو ٿو موٽان، اهو شخص هليو ويو پر واپس اچڻ وسري ويس، ٽن ڏينهن کان پوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن اهو انهيءَ هنڌ پهتو تہ اهو ڏسي حيران رهجي ويو تہ رسول اڪرم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٽي ڏينهن گذرڻ جي باوُجود اتي ئي بيٺا آهن ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت ۽ رَحمت ۽ حُسنِ اَخلاق ڏسو! پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي ڏڙڪا ڪونہ ڏنا، ڪاوڙ نہ ڪئي، بَس ايترو فرمايائون: اي شَخص! تو مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.[4] الله پاڪ اسان کي بہ سُنّتِ سرڪار تي عمل ڪندي وعدو پُورو ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] …تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

[2] (مصنف ابْنِ اَبی شیبہ، کتاب: الایمان، جلد:7صفحہ:223)

[3] (بخاری، کتاب:جِزْیہ، صفحہ:815، حدیث:3179)

[4] ( اَبُو داؤد، کتاب: ادب، باب: وعدہ، صفحہ:781، حدیث:4996)